هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# سُنّتن ڀريو بيان

15-September-2016



پيءُ اولاد جي تربيت ڪيئن ڪري

(Sindhi)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# پيءُ اولاد جي تربيت ڪيئن ڪري

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الاِعتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي نفلي اعتڪاف جي نيّت ڪري ونو، جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفلي اعتڪاف جو ثواب پڻ ملندو رهندو ۽ ضمنًا مسجد ۾ ڪائڻ پيئڻ بہ جائز ٿي ويندو.

## دُرُودِپاڪ جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب وسينہ صَلَّى الله تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”اَوْلَى النَّاسِ بِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً، يعني قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو جيڪو سڀ کان وڌيڪ مون تي دُرُود شريف پڙهندو هوندو.“

(ترمذي،أبواب الوتر،باب ماجاء في فضل الصلاة علي النبي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ،٢٧/٢،حديث:۴٨۴)

مُفسّرِ شهيرحڪيم الأُمَّت حضرت مُفْتِي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي تَحت ارشاد فرمائن ٿا: ”قيامت ۾ سڀ کان وڌيڪ آرام ۾

اهو هوندو جيڪو حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان گڏ رهي ۽ حُضُور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي همراهي نصيب ٿيڻ جو ذَرِيعو دُرُود شريف جي ڪثرت آهي، هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو تہ دُرُود شريف بهترين نيڪي آهي جو تمام نيڪين سان جَنَّت مِلندي آهي ۽ هن سان بزمِ جَنَّت جا گهوٽ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ملن ٿا.“

(مراٰة،۲/۱۰۰)

يانبی! تجھ پہ لاکھوں دُرُوْد و سلام
اس پہ ہے ناز مجھ کو ہوں تیرا غلام
اپنی رحمت سے تُو شاہِ خیرالانام
مجھ سے عاصی کا بھی ناز بردار ہے

(وسائلِ بخشش مرمم،ص481)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪيون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: نِيَّةُ الْمُؤمِنِ خَيرٌ مِّن عَمَلِه. يعني مسلمان جي نيت ان جي عمل کان بهتر آهي.[1]

**ٻہ مدني گُل:** 1 بنا سٺي نيت جي ڪنهن بہ نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو.

2 جيتريون سٺيون نيتون وڌيڪ، اوترو ثواب بہ وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نيّتون

❁ نگاهون جهڪائي انتهائي توجهہ سان بيان ٻُڌندس ❁ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو گوڏا ٻيجي ويهندس

[1] (المعجم الكبير للطبراني، باب السين،سهل بن سعد الساعدى الحديث: 5942، ج 6، ص 185)

❁ ضرورت طور سوڙهو تي سِرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪُشادي ڪندس ❁ ڏِڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس، گھورڻ، جھٽڪڻ ۽ اَٽڪڻ کان بچندس ❁ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذْكُرُوالله، تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻُڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي (يعني دلداري) جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❁ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مُصافحو ۽ اِنفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اسلام پيءُ کي نُمايان ۽ امتيازي مقام عطا فرمايو آهي، پيءُ اولاد جي لاءِ هڪ اهڙي عظيم نعمت آهي جو جنهن جو ڪو مٽ نہ آهي، پر اسلام جتي پيءُ جي مقام مرتبي ۽ اهميت کي اُجاگر ڪيو آهي، اتي بحيثيتِ پيءُ ان تي ڪجھ ذميداريون بہ حوالي ڪيون آهن، جيئن پيءُ جي بنيادي ذِمّيدارين مان هڪ نهايت آسان ترين ذميداري ''اولاد جي بهتر تربيت ڪرڻ '' آهي. تنهنڪري اڄ اسان هن موضوع تي ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين، اچو! سڀ کان پهريان هڪ حڪايت ٻڌون ٿا

## منهنجي پٽ مون کي ماريو آهي

سمرقند جي هڪ عالم حضرتِ سيدنا ابو حفص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وٽ هڪ شخص آيو ۽ چوڻ لڳو: منهنجي پٽ مون کي ماريو آهي ۽ تڪليف ڏني آهي، ان حيران ٿيندي پڇيو: ڇا ڪڏهن پٽ بہ پيءُ کي ماريندو آهي؟ ان جواب ڏنو: جي ها، ائين ئي ٿيو آهي؟ ابو حفص رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پڇيس ڇا تو ان کي علم ۽ ادب سيکاريو آهي؟ ان شخص انڪار ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه پُڇيس: ”قرآن ڪريم سيکاريو آهي.“ ان ٻيهر انڪار ڪيو، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه وري پڇيس تہ ”پوءِ اهو ڇا

ڪندو آهي؟ ان جواب ڏنو: ”ٻني ٻارو ڪندو آهي.“ ابو حفص رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ فرمايو: ڇا توکي خبر آهي تہ هن توکي ڇو ماريو؟ ان چيو: ”نہ“ ابو حفص رَحۡمَۃُ اللّٰہِ تَعَالٰی عَلَیۡہ ان تي ان کي سمجهايائون: ”منهنجو تہ هي خيال آهي جڏهن صبح جي وقت هو گڏهہ تي سوار ٿي ٻنيءَ ڏانهن ويندو هوندو. ڏاند (Bull) ان جي اڳيان ۽ ڪتو (Dog) ان جي پويان هوندو، قرآن ان کي پڙهڻ ايندو نہ هوندو، ان ڪري هو ڪجھ جهونگاري رهيو هوندو، ايتري ۾ تون ان جي سامهون آيو هوندين. ان سمجهيو هوندو تہ ڍڳي آهي ۽ تنهنجي مٿي تي ڪا شيءِ هنئي هوندائين، شڪر ڪر جو تنهنجو مٿو نہ ڦاڙيائين. (تنبيه الغافلين،باب حقِ الولد علي الوالد ،ص٦٨)

## ننڍپڻ کان ئي اولاد جي تربيت شروع ڪري ڇڏيو!

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! هن نصيحت آموز حڪايت ۾ هر ان شخص جي لاءِ درس جا مدني گل موجود آهن جيڪو پنهنجي ٻارن کي عِلۡمِ دِين سان آگاهہ ڪرڻ ۽ اسلامي تربيت ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندو آهي ۽ لاپرواهي جو مُظاهرو ڪندي اهو ذهن ٺاهي رکيو آهي تہ اڃا تہ منهنجو ٻار صفا ننڍو آهي، نا سمجھ آهي، هينئر کان هن کي بُري ڀلي جي تميز ڪٿي؟ ڪجھ وڏو ٿي وڃي تہ پوءِ ان جي تربيت شروع ڪندس. اهڙي والد کي گهرجي تہ ان انتظار ۾ نہ ويهي بلڪ ننڍپڻ کان ئي پنهنجي اولاد جي تربيت تي ڀرپُور ڌيان ڏئي ڇوتہ ٻار جي زندگي جا ابتدائي سال باقي زندگي کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ بنياد جي حيثيت رکندا آهن، ٻار جيڪو بُري ڀلي ڳالھ ننڍي عمر ۾ سکندو آهي اهو سڄي زندگي جي لاءِ ان جي ذهن ۾ پڪي ٿي ويندي آهي، جيڪڏهن ٻارن کي شروع کان ئي سلام ڪرڻ، سنّت جي مطابق کائڻ پيئڻ، سنّت جي مطابق ويهڻ، سنّت جي مطابق جُوتا پائڻ، سنّت جي مطابق لباس وغيره پائڻ جو عادي

ٻڌايو وڃي تہ اهو نہ صرف پاڻ ان پاڪيزه عادات کي اپنائي رکندو بلڪ ان جون اهي وصفون ان جي صحبت ۾ رهڻ وارن ٻين ٻارن ۾ بہ منتقل ٿيڻ شروع ٿي وينديون، اهڙي طرح وڏو ٿي بہ نيڪين ۾ رغبت ۽ گناهن کان نفرت قائم رهندي. ياد رکو! نيڪ اولاد ماءُ پيءُ جي لاءِ وڏي نعمت هوندي آهي. خُود انبِياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام الله عَزَّوَجَلَّ کان نيڪ اولاد جي دعا ڪندا هئا جيئن تہ الله عَزَّوَجَلَّ جي پياري نبي حضرت سَيدُنا زڪريا عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام بہ اولادِ صالح (يعني نيڪ اولاد) جي لاءِ ائين دُعا گهري:

رَبِّ هَبْ لِیْ مِنْ لَّدُنْكَ ذُرِّیَّةً طَیِّبَةًۚ اِنَّكَ سَمِیْعُ الدُّعَآءِ ﴿۳۸﴾

(پ 3 آل عمران: 38)

**ترجموڪنزالايمان:** اي منهنجا ربّ! مون کي پاڻ وٽان صاف اولاد. بيشڪ تون ئي آهين دعا ٻُڌڻ وارو

اهڙي طرح حضرت سيدنا ابراهيم خليلُ الله عَلٰی نَبِیِّنَا وَ عَلَیْہِ الصَّلٰوۃُ وَالسَّلَام پنهنجي ايندڙ نسل کي نيڪ بنائڻ جي دعا ڪئي، جيئن ارشاد ٿئي ٿو:

رَبِّ اجْعَلْنِیْ مُقِیْمَ الصَّلٰوةِ وَ مِنْ ذُرِّیَّتِیْ ﳓ رَبَّنَا وَ تَقَبَّلْ دُعَآءِ ﴿۴۰﴾

(پ 13، ابراهيم: 40)

**ترجموڪنزالايمان:** اي منهنجا رب! مون کي نماز قائم ڪرڻ وارو ٻڌاءِ ۽ ڪجهہ منهنجي اولاد کي اي اسان جا رب! ۽ منهنجي دعا ٻُڌ.

## بهتر تربيت نہ ڪرڻ جو انجام!

منا منا اسلامي ڀائرو! غور ڪيو تہ نيڪ اولاد الله عَزَّوَجَلَّ جي ڪيتري قدر عظيم نعمت آهي جو انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام بہ ان جي حُصُول جون دعائون گهري رهيا آهن، نيڪ اولاد ئي دنيا ۾ پنهنجي والدين جي لاءِ راحتِ جان ۽ اکين جي ٿڌاڻ جو سبب بڻجندو آهي. ننڍپڻ ۾ اُن جي دل جو سُرور، جواني ۾

اڪين جو نُور ۽ پوڙهائپ ۾ خِدمَت ڪري اُن جو سَهارو بڻجندو آهي. اهو سڀ انهي وَقت ممڪن ٿي سگهندو جو جڏهن پيءُ بہ پنهنجي ذِميداري نڀائيندي اَولاد جي اسلامي اُصولن جي مطابق مدني تربيت ڪئي هوندي. پر بدقسمتي سان اڄ اسان جي مُعاشري ۾ پيءُ پنهنجي ذِمّيداري کان مُنهن ٽاري اولاد کي اسلامي تعليمات ۽ اَخلاقيات سکائڻ جي بدران دنيوي عُلُوم وفُنون سکائڻ، وڏو ماڻهو بڻائڻ ۽ گهڻو مال ڪمائڻ جا خواب ڏيکارڻ جي فڪر ۾ لڳل آهي، شايد انهيء ڪري اسان جي نئين نسل جو اَخلاق ۽ ڪردار تباهہ ٿي ويو آهي، ننڍي وڏي جو لحاظ ختم ٿي چڪو آهي، رشتيدارن، پاڙيسرين، عام مسلمانن ايستائين جو ماءُ پيءُ جا حق بہ پامال ٿي رهيا آهن، جنهن پٽ جي مستقبل کي روشن بنائڻ جي لاءِ پيءُ بي پناهہ پيسو لڳايو، اڄ اهو ئي پٽ پيءُ جي ريٽائر ٿيڻ کان پوءِ ان کي بيڪار ۽ فالتو سمجهندو آهي، پيءُ جي ٿوري ٿوري ڳالهہ ان کي نهايت بُري معلوم ٿيندي آهي، بعض اوقات اهو بگڙيل اولاد، ان پوڙهي پيءُ کي پاڻ سان گڏ رکڻ پسند ناهي ڪندو ۽ ان کي ’’اَولڊ هاؤس‘‘ جي حوالي ڪندو آهي جتي اهو گهربار کان پري روئي روئي جيئندو آهي ۽ آخرڪار ساهہ ڏئي ڇڏيندو آهي. ۽ جيڪڏهن پيءُ امير وڪبير هجي ۽ پوڙهائپ کي پهچي وڃي تہ اهو ئي جوان اولاد پيءُ جي جائيداد پنهنجي نالي تي ڪرائڻ جي لاءِ پنهنجي پيءُ کان وڙهندو جهڳڙندو، گاريون ڏيندو ۽ ڪڏهن تہ ظلم جون حدون پار ڪري صرف پيسن يا جائيداد جي خاطر پنهنجي ماءُ پيءُ کي جان سان مارڻ کان بہ پاسو ناهي ڪندو، ان جو هڪ وڏو سبب اولاد کي اسلامي طريقي جي مطابق مدني تربيت نہ ڏيڻ بہ آهي. اچو انهيء حوالي سان هڪ عبرت ناڪ واقعو ٻڌون ٿا جيئن تہ

## هڪ عبرت ناڪ واقعو

هڪ واپاري معاش جي خاطر گهربار ۽ ٻارن ٻچن کي ڇڏي ٻاهرين ملڪ هليو ويو، دولت ڪمائي گهر موڪليندو رهيو، اوچتو هڪ ڏينهن ان کي اطلاع مليو تہ ان جي گهرواريءَ جو انتقال ٿي ويو آهي، اهو جلدي وطن پهتو، معلوم ڪرڻ تي ان کي پتو پيو تہ ان جي گهرواريءَ جو قاتل خود ان جو پٽ ئي آهي، اهو پٽ ان واپاري جو اڪيلو پٽ هو، وڌيڪ پيار ۽ دولت جي گهڻائي ان جون عادتون بگاڙي ڇڏيون هيون، ايستائين جو بُرن دوستن جي صحبت ۾ رهي نشي جو عادي بڻجي ويو، جڏهن ان جي ماءُ کي پنهنجي اڪيلي پٽ جي انهن حرڪتن جو پتو پيو تہ ان پيسا ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا، ضد ڪرڻ تي بہ جڏهن پيسا نہ مليا تہ پٽ ڪاوڙ ۾ اچي خنجر جا لاڳيتا وار ڪيا ۽ ماءُ کي اتي ئي قتل ڪري ڇڏيو، حالانڪ اهو پنهنجي ماءُ جو وڏو خدمت گذار هو پر نشي جي لاءِ پيسا نہ ملڻ تي سجو اطاعت ۽ خدمت جو جذبو ختم ٿي ويو ۽ ان جرم جي سبب جيل جي سلاخن ۾ قيد ٿي ويو. جڏهن ان جو پيءُ پنهنجي اڪيلي پٽ سان ملڻ جيل ۾ ويو تہ اهو پٽ پنهنجي پيءُ کي چوڻ لڳو: جيڪڏهن اوهان صرف دولت ڪمائڻ جي بدران منهنجي بهتر تربيت ڪيو ها ۽ مون کي بُري صحبت کان بچايو ها تہ اڄ اوهان کي هي ڏينهن نہ ڏسڻو پوي ها، ڇا مون کي هن مقام تائين پهچائڻ ۾ اوهان جو هٿ ناهي؟

جو کچھ بھی ہیں سب اپنے ہی ہاتھوں کے ہیں کرتُوت
شِکوہ ہے زمانے کا نہ قسمت کا گِلا ہے

دیکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت
سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

تُوْبُوْا اِلَی اللّٰہ اَسْتَغْفِرُ اللّٰہ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** هن واقعي ۾ انهن ماڻهن جي لاءِ عبرت ئي عبرت آهي جيڪي پنهنجي اولاد کي آزاد ڇڏي ڏيندا آهن يا ڪنهن ٻي جي سِپُرد ڪندا آهن ته اوهان منهنجي ٻارن ٻچن جو خيال رکجو، انهن کي ڪنهن شيءِ جي ڪمي ٿيڻ نه ڏيجو ۽ پاڻ ڌن (دولت) ڪمائڻ جي ڌُن ۾ انهن جي تربيت ۽ پرورش تي توجه نٿا ڏين ته پوءِ اهو ئي اَولاد نه صرف دُنيا ۾ انهن جي پريشاني ۽ مصيبت جو سبب بڻجندو آهي بلڪ آخرت ۾ ذِلّت ورُسوائي ۽ جهنم جي حقداري جو باعث بڻجي سگهي ٿو.

## بدنصيب پيءُ!

فقيہ ابوللّيث سَمرقندي رَحۡمَةُ اللّٰهِ تَعَالٰی عَلَيۡه نَقل ڪن ٿا: مروي آهي ته مَرد سان تعلُّق رکڻ وارن ۾ پهريان ان جي گهرواري ۽ اُن جو اولاد آهي، اهي سڀ (يعني گهرواري ۽ ٻار قيامت ۾) اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ عرض ڪندا: اي اسان جا رَبّ عَزَّوَجَلَّ! اسان کي هن شخص کان اسان جو حق ڏيار، ڇوته هن ڪڏهن اسان

ڪي دِيني معاملن جي تعليم نہ ڏني ۽ هي اسان کي حرام ڪارائيندو هو، جنهن جو اسان کي علم نہ هو، پوءِ ان شخص کي حرام ڪمائڻ تي ايتري قدر ماريو ويندو جو ان جو گوشت ڇڻي ويندو، پوءِ ان کي ميزان (يعني ترازو) وٽ آندو ويندو، ملائڪ جبل جي برابر ان جو نيڪيون آڻيندا تہ ان جي عيال (يعني ٻارن ٻچن) مان هڪ شخص اڳتي وڌي چوندو: منهنجون نيڪيون گهٽ آهن. تہ اهو ان جي نيڪين مان ڪٽي وٺندو، پوءِ ٻيو اچي چوندو: تو مون کي وياج ڪارايو هو ۽ اُن جي نيڪين مان ڪٽي وٺندو، اهڙي طرح اُن جا گهر وارا ان جون سڀ نيڪيون ڪٽي ويندا ۽ اهو پنهنجي گهر وارن ڏانهن حسرت ۽ نااميديءَ سان ڏسي چوندو: هاڻي منهنجي مٿي اهي گناه ۽ ظلم رهجي ويا آهن جيڪي مون توهان جي لاءِ ڪيا ها. (اُن وَقت) ملائڪ چوندا: هي اهو (بد نصيب) شخص آهي جنهن جون نيڪيون هن جا گهر وارا ڪٽي ويا ۽ هي انهن (يعني گهر وارن) جي سبب جهنّم ۾ هليو ويو.

(قُرَّةُ العُيون ومفرح القلب المحزون، الباب الثامن في عقوبة قاتل النفس۔۔۔الخ،فصل في مايلزم الرجل۔۔۔الخ،ص۴۰۱)

اِلٰہی جہنّم سے آزاد کر دے
میں فردوس میں داخلہ مانگتا ہوں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ماءُ پيءُ لاءِ دنيا ۽ آخِرت جي ڀلائي ان ۾ آهي تہ عَين شَرِيعت ۽ سُنَّت جي مطابِق شروع کان ئي اولاد جي بهتر تربيت ڪن، جهڙي طرح انهن جي صحت جو خيال رکندي مختلف حفاظتي تدبيرون اختيار ڪيون وينديون آهن، گندگيءَ واري جڳهه کان بچايو ويندو آهي جو ڪٿي ڪا

بيماري نہ لڳي وڃي، اهڙي طرح انهن کي بُري ماحول جي آلودگين کان بچائي چڱي صحبت فراهم ڪيو، انهن جي اصلاح ۽ مدني تربيت ۾ جيڪي رُڪاوٽون هجن، انهن کي پري ڪيو ۽ انهن کي سنا اَخلاق ۽اَدبَ سيکاريو.

نبي ڪريم،رؤف و رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”پنهنجي اولاد سان نيڪ سُلُوڪ ڪيو ۽ انهن کي سنا ادب سيکارڻ جي ڪوشِش ڪيو. (ابن ماجه، كتاب الادب، باب بر الوالد والاحسان الي البنات، ١٨٩/٤-١٩٠، الحديث: ٣٦٧١) اهڙي طرح هڪ بي حديثِ پاڪ ۾ آهي: ڪنهن پيءُ پنهنجي اولاد کي اهڙو تحفو ناهي ڏنو، جيڪو سٺي ادب کان بهتر هجي. (ترمذي، كتاب البر والصلة، باب ما جاء في ادب الولد، ٣٨٣/٣، الحديث: ١٩٥٩)

## نيڪ اولاد قبر ۾ ڪم ايندو آهي

حڪيم الأُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: سٺي ادب مان مُراد ٻار کي دِيندار، مُتّقي، پرهيزگار بنائڻ آهي. اولاد جي لاءِ ان کان بهتر تحفو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو جو اهي شيون دِين ۽ دنيا ۾ ڪم ايندڙون آهن. ماءُ پيءُ کي کپي تہ اولاد کي صرف مالدار بڻائي دنيا مان نہ وڃن، بلڪ انهن کي دِيندار بڻائي وڃن جو خود انهن کي بہ قبر ۾ ڪم اچن، جو زنده اولاد جي نيڪين جو ثواب مُرْدي کي قبر ۾ ملندو آهي.
(مرأة المناجيح، باب الشفقة والرحمة علي الخلق، الفصل الثاني، ٥٦٥/٦، تحت الحديث)

يقيناً نيڪ اولاد والدين جي مرڻ کان پوءِ بہ ڪم ايندو آهي، جي ها! جيئن فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جڏهن ماڻهو مري ويندو آهي تہ ان جي ٽن عملن کان علاوه ان جي سيني عملن جو سلسلو ختم ٿي ويندو آهي: (1) صدقہ جاريہ (2) اهو علم جنهن مان فائدو حاصل ڪيو وڃي (3) نيڪ اولاد جيڪو انهن لاءِ دعا ڪري. (صحيح مسلم،كتاب الوصية ،باب مايلحق الانسان ،الحديث ١٦٣١،ص٨٨٦)

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ بيشڪ الله تعاليٰ جنّت ۾ هڪ نيڪ ماڻهوءَ جو درجو وڌائيندو تہ اهو چوندو تہ اي منهنجا رَبّ!عَزَّ وَجَلَّ مون کي اهو مرتبو ڪٿان کان مليو؟ تہ الله تعاليٰ فرمائيندو تہ تنهنجي پٽ تنهنجي لاءِ مغفرت جي دعا گهري آهي، ان ڪري تو کي اهو درجو مليو آهي.

(مشكاةالمصابيح،كتاب الدعوات،باب الاستغفار والتوبة، ۱/۴۴۰،حديث:۲۳۵۴)

سُبۡحٰنَ اللهعَزَّ وَجَلَّ!الله تبارڪ وتعاليٰ جي رحمت تي قربان! پٽ جي سبب پيءُ کي نوازيو پيو وڃي. جيڪڏهن اسان بہ چاهيون ٿا تہ اسان جو اولاد دُنيا ۾ اسان جي اطاعت گذار هئڻ سان گڏوگڏ آخرت ۾ اسان جي نجات جو سبب بڻجي تہ اسان کي پاڻ کي بہ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ گهرجي ۽ پنهنجي ٻارن جي بهتر تعليم ومدني تربيت جي لاءِ مدرسة المدينہ، دارُالمدينہ اورجامعة المدينہ ۾ داخل ڪرايو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّ وَجَلَّ هن جا مدني نتيجا اوهان پاڻ ئي ڏسندو.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (1) اجايو لاڏ پيار

منا منا اسلامي ڀائرو! اچو! هاڻ اَولاد جي تربيت جي حوالي سان ڪجھ مدني گل ٻڌون ٿا، جن جي روشني ۾ اسان پنهنجن ٻارن جي صحيح مدني تربيت ڪري سگهون ٿا. ٻارن جي بگڙجڻ جو هڪ وڏو سبب اهو هوندو آهي جو ننڍپڻ کان ئي پيءُ ان جي هر خواهش کي پورو پيو ڪندو آهي، نتيجي ۾ ٻار ضِدّي ۽ پنهنجي ڳالھ مڃائڻ جا عادي بڻجي ويندا آهن، ان جو نُقصان هي

ٿيندو آهي جو ڪڏهن ڪنهن مجبوريءَ جي سبب، پيءُ انهن جي ڪا خواهش پوري نہ ڪري سگهي تہ ٻار روئڻ شروع ڪندا آهن ۽ پوءِ پيءُ چاهندي، نہ چاهندي انهن جي ڳالهہ مڃڻي ئي پوندي آهي، جڏهن ٻار جو اهو ذِهن بڻجي ويندو آهي تہ ”جيڪو روئيندو آهي ان جو ڪم ٿيندو آهي“ تہ پوءِ روز روز روئي رڙيون ڪري نئيون نئيون فرمائشون پوري ڪرائڻ انهن جو معمول بڻجي ويندو آهي،اهڙي طرح اهو سلسلو گهٽ ٿيڻ بدران وڌيڪ وڌندو ويندو آهي. تنهنڪري هن جو حل هي آهي تہ ٻارن جي ٻي جا ضد جي اڳيان پاڻ کي بي وس سمجهي انهن جي هر ڳالهہ ۽ مُطالبن کي پورو ڪرڻ کان پاسو ڪجي، نہ تہ اهو لاڏ پيار انهن جي بگڙجڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

## (2) اولاد تي ڪڙي نظر رکو!

اهڙي طرح پيءُ جي هڪ ذِمّيداري اها بہ آهي تہ پنهنجي اولاد تي ڪڙي نظر رکي جو ان جو اٿڻ ويهڻ ڪن ماڻهن سان آهي، پر في زمانو ماڻهو ان تي توجهہ نٿا ڏين ۽ ڪجهہ کي اهو بہ چوندي ٻڌو آهي تہ اسان جي گهر جو ماحول سُلجهيل آهي، اسان پنهنجي ٻار جي سٺي تربيت ڪئي آهي، اسان کي يقين آهي تہ اهو ڪنهن غلط رستي تي نٿو وڃي سگهي، ٿي سگهي ٿو تہ اوهان جي گهر جو ماحول سٺو هجي پر اوهان جو ٻار جنهن اسڪول يا ڪاليج ۾ ويندو آهي، يا گهٽي پاڙي جي دوستن سان اٿڻ ويهڻ آهي، انهن ۾ هر طرح جا چڱا بُرا ماڻهو هوندا آهن، هن ڳالهہ جي ڪهڙي گارنٽي آهي تہ ان کي اتي بہ گهر جهڙو ئي ماحول ميسر هوندو. پر پيءُ انهيءَ خوش فهمي ۾ مبتلا رهندو آهي تہ منهنجو پٽ نهايت شريف آهي ۽ پٽ بُرن دوستن جي صحبت ۾ ڦاسجي جرم جي دنيا ۾ غرق ٿي ويندو آهي ۽ پيءُ کي ان وَقت هوش ايندو

آهي جڏهن ان جو سلجهيل پٽ منشيات يا فحاشي جي اڏن تان گرفتار ٿي جيل جي سلاخن جي پويان هليو ويندو آهي. تنهنڪري پيءُ جي ذميداري صرف اها ئي ناهي تہ پيسو بنائڻ جي مشين بڻجي خوب دولت گڏ ڪري ۽ پنهنجي اولاد ڪي سني ڪان سنو ڪارائي پيئاري ۽ دنيا جي هر آسائش ۽ سهولت انهن کي مُهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري بلڪ انهن جي سني پرورش سان گڏوگڏ انهن کي ديني تعليم سکائڻ، قرآن پڙهائڻ، فرض علوم سکائڻ، نبيصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت سکائڻ، اَخلاق بهتر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ، نيڪين ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ بُري صحبت ڪان بچائڻ بہ پيءُ تي لازم آهي، قيامت جي ڏينهن ان جي باري ۾ بہ ان ڪان پڇيو ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** جن جا مدني مُنّا يا مدني مُنّيون مدرسة المدينہ يا دارالمدينہ ۾ پڙهندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن انهن جا والدين ان ڪري انهن جي تربيت ڏانهن گهٽ توجہ ڏيندا هوندا تہ هتي تہ مدني ماحول آهي، استادن جي طرفان جيڪا انهن جي مدني تربيت ڪئي ويندي آهي اها ئي ڪافي ٿيندي، جيتوڻيڪ ائين ئي هجي، پر پوءِ بہ اهڙن والدين ڪي گهر ۾ پنهنجي اولاد جي مدني تربيت جي لاءِ وقت ڏيڻ گهرجي، انهن جي پڙهائي ۽ جيڪو ڪجھ سکيو هجي، وقتاً فوقتاً انهن ڪان بہ پڇا ڳاڇا جو سلسلو جاري رهڻ گهرجي، اسان جي بُزرگ سڳورن جي تربيت جو انداز ڪهڙو هوندو هو، اچو هن حڪايت مان اسان بہ مدني تربيت جا مدني گل چونڊڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

## الله مون کي ڏسي رهيو آهي

حضرت سيدُنا سهل بن عبدالله تُستري رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمائن ٿا:” منهنجي عمر 3 سال هئي ۽ آئون رات جو اٿي پنهنجي مامي حضرت سَيدُنا محمد بن محمد بن سوّار رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه کي تنهائي ۾ نماز پڙهندي ڏسندو هئس. هڪ ڏينهن منهنجي مامي مون کان پڇيو: ”ڇا تون ان الله عَزَّوَجَلَّ کي ياد نٿو ڪرين جنهن تو کي پيدا ڪيو؟“ مون پڇيو: ”مان ان کي ڪهڙي طرح ياد ڪيان؟“ انهن فرمايو:” جڏهن توهان بستر تي ليٽڻ لڳو ته 3 ڀيرا زبان کي حرڪت ڏيڻ بغير محض دل ۾ اهي ڪلما چئو:”اَللهُ مَعِيَ، اَللهُ نَاظِرٌ اِلَيَّ، اَللهُ شَاهِدِيۡ يعني الله عَزَّوَجَلَّ مون سان گڏ آهي، الله عَزَّ وَجَلَّ مون کي ڏسي رهيو آهي اللهعَزَّوَجَلَّ منهنجو شاهد آهي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: ”مون ڪجھ راتيون اهي ڪلمات پڙهيا پوءِ انهن کي ٻڌايو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون: ”هر رات 7 ڀيرا پڙهو. “مون انهن کي پڙهيو، پوءِ ٻڌايو ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيۡه فرمايائون:” هر رات 11 ڀيرا اهي ڪلمات پڙهو.“ مون اهڙي طرح پڙهيو، ته مون ان جي لذّت پنهنجي دل ۾ محسوس ڪئي. جڏهن هڪ سال گذري ويو ته منهنجي مامي مون کي چيو: ”مون جيڪو ڪجھ تو کي سيکاريو آهي ان کي ياد رکو ۽ قبر ۾ وڃڻ تائين هميشه پڙهندا رهجو، توهان کي دنيا ۽ آخرت ۾ نفعو ڏيندو.“ مون ڪيئي سالن تائين ائين ڪيو ته پنهنجي اندر ان جي لذّت کي محسوس ڪئي. پوءِ هڪ ڏينهن منهنجي مامي فرمايو:” اي سهل! اللهعَزَّ وَجَلَّ جنهن شخص سان گڏ هجي، ان کي ڏسندو هجي ۽ ان جو شاهد هجي، ته ڀانهو ان جي نافرماني ڪيئن ڪري سگهي ٿو؟ تنهنڪري پنهنجو پاڻ کي گناهه کان بچايو.

(الرسالۃالقشيرية،ابو محمدسهل بن عبد الله التستري،ص۳۹)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان حضرت سَيِدُنا محمد بن محمد بن سوّار رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه پنهنجي ڀاڻيجي جي ڪيتري پياري انداز سان مدني تربيت فرمائي جو ٻنا ڇڙٻ، داٻن جي مدني گل عطا فرمايا جو ”ڇا تون ان اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کي ياد نٿو ڪرين جنهن تو کي پيدا ڪيو؟“. پوءِ ڀاڻيجو به ڪيترو باعمل هو جو پنهنجي مامي جان کان ملڻ واري مدني گل کي دِل وجان سان قبول ڪندي، هن تي عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو ۽ ان جي برڪت سان ڪهڙا ڪهڙا انوار و تجلّيات سان نوازيا ويا. جي ها! اهو خوش نصيب مدني مُنّو اڳتي هلي ولايت جي مقام تي فائز ٿيو، جن کي دُنيا هاڻي به حضرت سيدُنا سهل بن عبدالله تُستري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي نالي سان ياد ڪري ٿي ۽ جن جو فيضان هاڻي به جاري ۽ ساري آهي. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي اُن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

شيخِ طريقت،اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پارن جي مدني تربيت جا مدني گلدستہ وقتاً فوقتاً مدني چينل تي به هلايا ويندا آهن. ته جيئن انهن کي ڏسي اسان به تربيت ڪرڻ سکون، ڇڻ ته اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه، تربيت ڪرڻ وارن جي به مدني تربيت فرمائي رهيا هوندا آهن ته اولاد جي تربيت ڪيئن ڪرڻي آهي، ان لاءِ اسان کي مدني چينل به ڏسندو رهڻ گهرجي، خاص ڪري هفتيوار مدني مذاڪري ۾ اوّل کان آخرشرڪت کي يقيني بڻايو، اولاد جي مدني تربيت جو انداز سکڻ سان گڏوگڏ علمِ دِين جا ڪيئي قيمتي موتي حاصل ٿيندا. اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

## ڪير ڪنهن جو جواب ڏهه ٿيندو

ياد رکو! جيڪڏهن سستيءَ سان ڪم وٺندي اولاد جي بهتر تَرْبِيت نہ ڪئي تہ قيامت جي ڏينهن الله عَزَّ وَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ ان جو جواب ڏيڻو پوندو، حُضُورِ اکرم، نُورِ مُجَسم صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي :"توهان سڀئي نگران آهيو ۽ توهان مان هر هڪ کان ان جي ماتحت افراد جي باري ۾ پڇيو ويندو. بادشاهہ نگران آهي، ان کان ان جي رِعايا جي باري ۾ پڇيو ويندو. ماڻهو پنهنجي گهر وارن جو نگران آهي ان کان ان جي گهروارن جي باري ۾ پڇيو ويندو. عورت پنهنجي مڙس جي گهر ۽ اولاد جي نگران آهي، ان کان ان جي باري ۾ پڇيو ويندو. (صحيح البخاري،کتاب العتق،باب کراهية التطاول ....الخ،الحديث ۲۵۵۴،ج۲،ص۱۵۹)

## موبائل فون، ٽيبلٽ پي سي ۽ ٽي وي جو غلط استعمال

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! قيامت جي ڏينهن ان جوابداري کان بچڻ جي لاءِ پنهنجي ٻارن جي مدني تربيت ڪيوءِ انهن جي بگڙجڻ جي سببن کي بہ تلاش ڪيو، جيئن اڄڪلهہ موبائل فون، ٽيبلٽ پي سي(Tablet P.C)، ٽي وي ۽ اِنٽر نيٽ جو غلط استعمال بہ نئي نسل جي تباهي ۽ بگڙجڻ جو هڪ سبب آهي، اِبتداء ۾ والدين پاڻ ئي اهي شيون ٻارن کي ڏياريندا آهن تہ اسان جا ٻار دورِ جديد جي انهن اِيجادن کان چو بي خبر رهن پر جڏهن ٻار انهن شين ۾ پاڻي جيان پئسا وهائي، راتين جي ننڊ اڏائي گناهن جي گندگي ۾ غوطو لڳائي خُوب لت پت ٿي ويندا آهن تہ ان وقت پيءُ جي اک کلندي آهي پر هن چوڻي جي مطابق ”اب پچھتائے کیا ھوَت جب چڑیا چُگ گئیں کھیت“ جي مصداق هاڻي افسوس ڪرڻ بيڪار هوندو آهي (يعني نقصان ٿيڻ کان بعد پريشان ٿيڻ جو ڪهڙو فائدو؟). هاڻي جيڪڏهن پيءُ ان گندگي مان ڪڍڻ چاهي ٿو تہ ٻار انهن

شين ڪي ڇڏڻ جي لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن، تنهنڪري جيڪڏهن ٻارن ڪي ضرورت پوڻ تي اهي جديد شيون ڏيڻيون پون تہ اوهان بحيثيتِ پيءُ پيار مَحَبَّت سان انهن شين جي غلط استعمال جا نُقصان بہ ضرور ٻڌايو، صحيح استعمال سيکاريو، ضرورت هجي تہ سادو موبائل وٺي ڏيو ان کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ جو وِزٽ ڪرايو. اَلْحَمْدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ هن ويب سائٽ تي قرآنِ ڪريم، ترجمہ ڪنزالايمان ۽ تفسيرن جي علاوه اصلاحي موضوعن تي مشتمل اردو، انگلش، عربي، هندي، گجراتي ۽ دنيا جي مختلف 36 زبانن ۾ ڪتاب ۽ رسالا جن جو نہ صرف آن لائن مطالعو ڪري سگهجي ٿو بلڪ ڈاؤن لوڈ ۽ پرنٽ آؤٽ جي سهولت بہ دستياب آهي. ان کان علاوه شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان ڪيل مختلف سوالن جي دلچسپ جوابن تي مشتمل مدني مُذاڪرا، نگرانِ شُوريٰ ۽ مبلغينِ دعوتِ اسلامي جا سُنَّتن ڀريا بيان، حمدو نعت ۽ منقبت ۽ دِيني معلومات سان مالا مال مختصر مدني گلدستا (Short clips) بہ مَوْجُود آهن. شرعي مسائل بابت رهنمائي جي لاءِ آن لائن دارالافتاء اهلسنّت ۽ ڏکويل انسانيت جي غمخواري ۽ رُوحاني علاج جي لاءِ تعويذاتِ عطاريہ،آن لائن ڪاٽ ۽ استخارو بہ ڪرائي سگهجي ٿو. المدينہ لائبريري سافٽ وئير(Soft Ware) بہ موجود آهي، جنهن کي ڪمپيوٽر ۾ انسٽال ڪري سرچنگ آپشن جي مدد سان 200 کان وڌيڪ ڪتابن ۽ رسالن مان فائدو حاصل ڪري سگهو ٿا، ان کان علاوه اوقَاتُ الصَّلٰوة سافٽ وئير (Soft Ware) جي ذريعي مختلف ملڪن ۽ شهرن ۾ نماز جا اوقات بہ معلوم ڪري سگهو ٿا. اللّٰه عَزَّوَجَلَّ اسان کي دورِ جديد جي انهن ايجادن جو صحيح استعمال ڪرڻ جي توفيق عطافرمائي ۽ ان جي غلط استعمال جي ذريعي خود بہ بچڻ ۽ پنهنجي

www.dawateislami.net

ٻارن کي گناهن کان بچائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمين بجاهِ النبی الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

بنا دے مجھے نیک نیکوں کا صدقہ
گناہوں سے ہر دم بچا یا الٰہی

(وسائلِ بخشش مرمم، ص105)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نرم لهجي ۾ اصلاح ڪيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! ٻارن جي مدني تربيت جي حوالي سان هن مدني گل کي به پيشِ نظر رکو ته جيڪڏهن غلطي ٿيڻ تي ان جي اصلاح ڪرڻي هجي ته شفقت ۽ مَحَبَّت سان سمجهايو، ڇوته اجائي سختي به ٻارن کي ضدي بڻائيندي آهي، اسان جي سمجهائڻ جو غلط انداز به ٿي سگهي ٿو ان جي تربيت ۾ رُڪاوٽ جو سبب بڻجي، ائين به ٿيندو هوندو جو خوش اَخلاقي ۽ نرمي صرف دوست احباب جي لاءِ هوندي آهي، کائڻ پيئڻ ۾ به دوستن تي خوب خرچ ڪيو ويندو هوندو، تحفا تحائف به ڏيٺا آهن ته گهر کان ٻاهر، پر گهروارن خاص ڪري اولاد کي سمجهائڻ وَقت ڪجھ ماڻهو انتهائي سخت لهجو اختيار ڪندا آهن ۽ ڪڏهن لهجو ته نرم هوندو آهي پر جملا انتهائي سخت ۽ اهڙا تنقيد ڀريا هوندا آهن جو ٻار سمجهڻ جي بدران بدظن ۽ مزيد ضدي ٿي ويندو آهي. تنهنڪري ٻارن کي ڌڄارڻ ڌمڪائڻ مار پِيٽ ڪرڻ جي بدران حڪمتِ عملي ۽ شفقت ۽ مَحَبَّت سان سمجهايو جو ان طرح اسان جي

ڳالھ ۾ بہ اثر تيندو ۽ ٻار بہ فرمانبردار ٿيندو ۽ ٻار بہ فرمانبردار بڻجي ويندا. اِنْ شَآءَ اللہ عَزَّوَجَلَّ

ہے فلاح و کامرانی نرمی و آسانی میں ہر بنا کام بگڑ جاتا ہے نادانی میں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## سيني جي سامهون دڙڪا نہ ڏيو

ٻارن جي تربيت ڪرڻ ۾ هڪ اِحتياط اهو بہ ڪيو تہ انهن جي غلطي تي سمجهائڻ وقت سيني جي سامهون وڏي آواز سان سمجهائڻ، جهڙڪڻ يا چڙٻڻ کان بچو ڇو تہ ان انداز سان قوي امڪان آهي تہ اُنهن جي دِل آزاري بہ ٿئي ۽ ڳالھ بہ بي اثر ٿي وڃي ۽ ان طرح سمجهائڻ سان ٻار بہ ضدي بڻجي سگهي ٿو، تنهنڪري موقعو ملي اڪيلائي ۾ سمجهايو، جيئن تہ حضرت سيدنا ابُودرداء رَضِيَ اللہ تَعَالٰى عَنْه فرمائن ٿا تہ ”جنهن پنهنجي ڀاءُ کي سيني جي سامهون نصيحت ڪئي، ان هن کي ذليل ڪري ڇڏيو ۽ جنهن تنهائي ۾ نصيحت ڪئي، ان هن کي مُزين (آراستہ) ڪري ڇڏي. (شعب الايمان، ٦/١١٢، حديث: ٧٤٤١)

شيخ طريقت،اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه ڪيتري پياري انداز ۾ ڪنهن جي مدني تربيت جو انداز سکائي رهيا آهن، فرمائن ٿا تہ:

تُو نرمی کو اپنانا جھگڑے مٹانا
رہے گا سَدا خوشنُما مدنی ماحول

تُو غصّے جھڑکنے سے بچنا وگرنہ
یہ بدنام ہو گا ترا مدنی ماحول
(وسائل بخشش مرمم، ص646)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دل سوزي سان دعا ڪيو

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اولاد جي مدني تربيت جي انهن طريقن جي علاوه اولاد جي نيڪ بڻجڻ جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سچي دل سان خوب ٻاڏائي دُعا ڪيو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ اوهان جي مخلصانه ڪوششون ضرور ڪامياب ٿينديون ۽ دعا جي برڪت سان اولاد نيڪ بڻجي ويندو جيئن حديثِ پاڪ ۾ آهي''ٽن (3) دعائن جي قبوليت ۾ ڪو شڪ ناهي: (١) مظلوم جي دعا (٢) مسافر جي دعا ۽ (٣) پيءُ جي پنهنجي پٽ جي لاءِ بد دُعا۔

(جامع الترمذي،ابواب البر والصلة ،با ب ماجاء في دعوة الوالدين ،ج ٣،الحديث:١٩١٢ ،ص٣٦٣)

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اميرِ اهلسنّت، باني دعوتِ اسلامي قدم قدم تي اُمّتِ مسلمه جي خيرخواهي ڪرڻ جي جذبي سان سرشار مختلف موقعن تي مدني گل عطا فرمائيندا رهندا آهن، اهي مدني گل اهڙا قيمتي هوندا آهن جو جيڪڏهن واقعي ڪو اِخلاص سان گڏ انهن مدني گلن ڪي پنهنجي دِل جي مدني گلدستي ۾ سجائي انهن تي عمل ڪرڻ شروع ڪندو آهي ته ان جون مدني بهارون اهو پاڻ ڏسندو آهي، جي ها! اوهان به چاهيو ته انهن مدني گلن جي مطابق عمل ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيو، الله عَزَّ وَجَلَّ جي رحمت مان اُميد

آهي، اولاد جي تربيت جو سامان ٿيڻ سان گڏوگڏ اسان جي زِندگي ۾ ان جون مدني بهارون نصيب ٿينديون.

"72مدني انعامات " جي رِسالي جي آخر ۾ "گهر ۾ مدني ماحول بنائڻ جا 19مدني گل "رنگ برنگي خوشبوئون لُٽائي رهيا آهن، اوهان بہ انهن جو مطالعو ڪيو، اِنْ شَآءَ الله عَزَّوَجَلَّ انهن مدني گلن جون خوب برڪتون حاصل ٿينديون. انهن 19مدني گلن مان مدني گل نمبر15 ۾ هڪ قرآني آيت بہ ڏنل آهي، جنهن جي فضيلت ۾ لکيل آهي تہ: " هر نماز کان پوءِ هيٺ ڏنل دعا اول ۽ آخر درود شريف سان هڪ ڀيرو پڙهي وٺو اِنْشآءالله عَزَّوَجَلَّ ٻار ٻچا سنّتن جا پابند ٿيندا ۽ گهر ۾ مدني ماحول ٿيندو. دعا هي آهي: (اَللّٰهُمَّ) رَبَّنَا هَبْ لَنَا مِنْ اَزْوَاجِنَا وَ ذُرِّيّٰتِنَا قُرَّةَ اَعْيُنٍ وَّاجْعَلْنَا لِلْمُتَّقِيْنَ اِمَامًا ۝"(1) ("اَللّٰهُمَّ" قرآني آيت جو حصو نہ آهي)

(1) ترجمو ڪنزالايمان: اي اسان جا رب اسان کي ڏي اسان جي زالن ۽ اسان جي اولاد مان اکين جي ٺڌاڻ ۽ اسان کي پرهيزگارن جو اڳواڻ بڻاءِ۔
(پ 19 الفرقان 74)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## پهريان پنهنجي تربيت ڪري

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! اولاد جي مدني تربيت ۾ سڀ کان اهم شيءِ پيءُ جي پنهنجي عملي حالت آهي جيڪڏهن پيءُ پنهنجي اولاد جي بهتر تربيت ڪرڻ چاهي ٿو تہ پهريان پنهنجي اعمال وڪردار جي اصلاح ڪرڻي پوندي ڇوتہ اِسلامي طريقي تي اولاد جي تربيت جو خواب ان وَقت پورو ٿي

سگھندو، جڏھن ماءُ پيءُ ۽ ٻيا گھروارا بہ شريعت جا پابند ھوندا، نماز، روزي جا پابند ھوندا، تلاوتِ قرآن ڪرڻ وارا ھوندا، فلمون ڊراما، گناھن ڀريا چينلز ڏسڻ کان بچڻ وارا ھوندا، ڪوڙ، چُغلي، غيبت جھڙين بيمارين کان بچڻ وارا ھوندا، کائڻ پيئڻ، اٿڻ ويھڻ، ھلڻ ڦرڻ ۾ سُنّت جي پيروي ڪرڻ وارا ھوندا.
پر افسوس صد ڪروڙ افسوس! اڄڪلھ جتي پيءُ مغربي تھذيب ۽ اَغيار جي عادت واطوار سان متاثر ٿي انھن جھڙا ڪم ڪرڻ ۾ مَعَاذَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ فخر محسوس ڪري ٿو، اسلامي لباس کي ڇڏي غيرن جھڙو لباس پائي ٿو، اتي اڄ جي مائرن بہ پردي کي خيرباد چئي گھٽين بازارن ۾ بي پرده گھمڻ، فيشن جي نالي تي سوڙھا ۽ چُست لباس پائي بدنگاھي جو سامان بڻجڻ شروع ڪري ڇڏيو آھي، بي حيائي ۽ فحاشي سان ڀرپور ناچ گانا، فلمون ڊراما نہ صرف خود بلڪ ٻارن کي بہ پاڻ سان گڏ ويھارڻ ۾ تورو نٿا شرمائن، ٻارن جي تعليم وتربيت جو حال ھي آھي جو انھن کي ديني علوم و فنون سکائڻ جي بدران مغربي تھذيب جي نمائنده ادارن جي مخلوط ماحول Co-Education (يعني جتي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏ پڙھندا ھجن) ۾ تعليم ڏيارڻ ۾ ڪو شرم ۽ عار محسوس نٿا ڪن. ياد رکو! ماءُ پيءُ جي بد اعماليءَ، مغربي تھذيب سان محبت ۽ روشن خيالي جي نالي تي اخلاقي قدرن جي پامالي يقيناً اولاد جي بگڙجڻ جو ھڪ وڏو سبب آھي. تنھنڪري ماءُ پيءُ کي گھرجي جو ڀھريان پاڻ پنھنجي عملي حالت درست ڪن، نماز ۽ روزي جي پابندي ۽ پياري آقا، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن سان مَحَبَّت ۽ ان تي عمل جي ڪوشش ڪن. جڏھن اسان جا ٻار اسان کي نيڪين ۾ مشغول ڏسندا تہ انھن کي بہ رغبت ملندي ۽ اھي بہ نيڪين ڏانھن مائل ٿيندا. اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ

ٻارن جي دِيني تربيت ڪرڻ جو فائدو اهو ٿيندو جو دُنيا ۾ راحت و سڪون، عزّت و وقار حاصل ٿيندو، آخرت ۾ ربّ تعاليٰ جي بارگاهه ۾ ان جي ڪرم سان اولاد جي تربيت جي معاملي ۾ نه صرف بَري ٿيندؤ بلڪ اجر ۽ ثواب به ماڻيندؤ. اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ

## 12 مدني ڪمن مان ماهوار هڪ مدني ڪم مدني قافلي ۾ شرڪت

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! پاڻ به نيڪ بنجڻ، بُرائين کان بچڻ ۽ پنهنجي اولاد کي به نيڪ بنائڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن ۽ سنت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جو مدني ماحول ڪنهن نعمت کان گهٽ ناهي اَلْحَمْدُلِلّٰهعَزَّوَجَلَّ هن مدني ماحول جي برڪت سان گُناهن کان بچڻ جي توفيق ۽ نيڪيون ڪرڻ جي ترغيب ملندي آهي. اسان به هن مدني ماحول سان وابسته ٿي نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۽ ذيلي حلقي جي 12مدني ڪمن ۾ حصو وٺڻ گهرجي. 12مدني ڪمن مان ماهوار هڪ مدني ڪم 3 ڏينهن جي ”مدني قافلي“ ۾ سفر ڪرڻ به آهي. مَدَني قافِلن جي بَرَڪت سان پنج وقت نماز ۽ نفل جي پابندي سان گڏوگڏ پياري آقا،مڪي مدني مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون پياريون پياريون سُنَّتون سکڻ جي لاءِ ملنديون آهن، ۽ ائين علمِ دين حاصِل ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، علمِ دين جي لاءِ سَفرڪرڻ وڏي فضيلت جي ڳالهه آهي جو فرمانِ مصطفيٰصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: جيڪو عِلْم جي ڳولا ۾ نڪرندو آهي اهو واپس موٽڻ تائين الله تَعاليٰ جي راهه ۾ هوندو آهي. (ترمذي، كتاب العلم ، رقم٢٦٥٦، ج٤، ص٢٩٤)

مدني قافلي جي برڪت سان پنهنجي اصلاح سان گڏوگڏ ٻارن جي اصلاح ۽ مدني تربيت جو به جذبو نصيب ٿيندو آهي، بطورِ ترغيب مَدَني قافِلي جي هڪ مَدَني بهار ٻڌون ٿا

## سچو گھر سُڌري ويو

فتح جنگ (ضلع اٽڪ پنجاب پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو لُبِّ لباب آهي: دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان پهريان مان گناهن ڀري زندگي گذاري رهيو هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ، آواره گردي ڪرڻ، راند روند ۾ مگن رهڻ منهنجو محبوب مشغلو هو، مَعَاذَ الله نمازون قضا ڪرڻ جي گناهه عظيم ۾ بہ مبتلا هئس، منهنجي اصلاح جو سبب ائين بڻيو جو هڪ ڏينهن اسان جي ڳوٺ جي مسجد ۾ هڪ مدني قافلو آيو، عاشقانِ رسول جي آمد سان مسجد ۾ رونق ٿي وئي، درس وبيان ۽ عصر کان بعد علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت جو ايمان افروز سلسلو شروع ٿي ويو، منهنجي خوش قسمتي جو هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاء مون وٽ آيو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندي مسجد ۾ نماز ادا ڪرڻ ۽ مدني قافلي وارن سان گڏ مدني حلقي ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏني تہ مان انهن سان گڏ مسجد ۾ هليو ويس، عاشقانِ رسول وڏي محبت سان ملاقات ڪئي ، پهريون ڀيرو ايتري قدر محبت ۽ پيار ڏسي مان ايتري قدر متاثر ٿيس جو دعوتِ اسلامي وارن جي محبت دل ۾ ويهي رهي ۽ مدني حلقي ۾ علم جا موتي گڏ ڪرڻ لڳس، انهيءِ دوران جڏهن اميرِقافلہ مدني انعامات جي رسالي جو تعارف ڪرايو تہ مدني انعامات جي رسالي جي صورت ۾ اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي اصلاح اُمت جي تڙپ ڏسي مون هٿوهٿ بيعت جي لاءِ پنهنجو نالو پيش ڪري ڇڏيو ۽ مريد ٿي ويس. هڪ ولي ڪامل سان نسبت جي برڪت سان منهنجي زندگي ۾ مدني بهار اچي وئي ۽ مون اڳوڻين بد عملين کان توبہ ڪئي ۽ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابستہ ٿي ويس. مدني ماحول جي برڪت سان نيڪي جي دعوت جو جذبو مليو ۽ انهيءِ مقدس جذبي جي تحت مون

گهروارن کي بہ نيڪي جي دعوت ڏيڻ شروع ڪري ڇڏي، جنهن جي برڪت سان اسان ۽ مامي ۽ ماسي جي گهر وارا بہ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ذريعي سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ داخل ٿي ويا، نمازن جي پابندي شروع ڪري ڇڏي، فلمون ڊراما ڏسڻ ۽ گانا باجا ٻڌڻ ڇڏي ڏنا ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ هاڻي مدني چينل جي علمي ۽ اصلاحي ايمان افروز سلسلا ڏسندا آهن.

بے عمل با عمل بن گئے خاص کر
آپ بھی دیکھ لیں قافلے میں چلو
آپ اعمالِ بد اور افعالِ بد
سے جو بیزار ہیں، قافلے میں چلو
کر سفر آئیں گے،تو سُدھر جائیں گے
اب نہ سُستی کریں، قافلے میں چلو

(وسائل بخشش مرمم،ص ٦٧٢)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## تعارفِ ابُو عطار

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! جيڪڏهن تَربِيت ڪرڻ وارو پيءُ يا سرپرست پاڻ نيڪ، نمازي، گُناهن کان بچڻ وارو، سُنّتن سان مَحَبَّت ڪرڻ وارو هجي تہ ٻارن تي بہ ان جي نيڪين جو اثر پوندو آهي ۽ اولاد بہ نيڪين ڏانهن راغب ٿيندو آهي. دور حاضِر ۾ ان جو واضح مِثال شيخ طريقت اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مُبارڪ ذات بہ آهي جو اوهان جا والدِ ماجد حاجي عبدالرَّحمن قادِري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه

نيڪ سيرت، تقويٰ ۽ پرهيزگاري ۽ شريعت وسُنَّت جا پيڪر هئا، اڪثر نگاهون هيٺ رکي ڪري هلڻ جا عادي هئا، سندن دل ۾ دنياوي مال ودولت گڏ ڪرڻ جي لالچ بلڪل نه هئي. ابوعطار حاجي عبدالرَّحمن قادِري صاحب مسجدن سان مَحَبَّت ۽ انهن جي خوب خدمت ڪندا هئا. 1979 ۾ جڏهن شَيخِ طريقت، اميرِاَهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه ”ڪولمبو“(سي لنڪا) تشريف وٺي ويا ته اتي جي ماڻهن کي والد صاحب کان گهڻو متاثر ڏٺائون، جوته سندن والد صاحب اتي جي عاليشان حَنَفي ميمن مسجد جا انتظامات سنڀاليندا هئا ۽ ان مسجد جي ڪافي خدمت به ڪئي هئي. پاڻ سلسله عاليه قادِريه ۾ بيعت هئا ۽ قصيده غوثيه جو وِرد ڪندا ها، ڪولمبو ۾ قيام دوران اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه جي ماسڙ گفتگو دوران سندن کي ٻڌايو ته مون پاڻ پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي ته جڏهن ڪٿ تي ويهي اوهان جا والد صاحب قصيدهءِ غوثيه پڙهندا هئا ته انهن جي ڪٿ زمين کان بلند ٿي ويندي هئي.

واه واه کیا ہے رُتبہ ابو عطّارؔ کا

ہے کرم ان پر خدا اور میرے سرکار کا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## حج جي سفر ۾ وصال

اميرِ اَهلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِیَه عالَمِ شِير خوارگي (يعني کير پيئڻ جي عمر) ۾ ئي هئا جو سندن والدِ محترم ١٣٧٠ھ مطابق1951ء ۾ سفرِ حج تي روانا ٿيا. حج جي ڏينهن ۾ منٰي ۾ سخت لُو (يعني گرم جهولا) هلڻ جي ڪري ڪيئي

حاجي سگورا فوت ٿي ويا هئا، ابو عطار حاجي عبدالرحمن بہ مختصر علالت (بيماري) کان پوءِ ۱۴ذوالْحِجَّة الحرام ۱۳۷۰ھ تي هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو.

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** پيءُ جو نيڪ ۽ پرهيزگار هئڻ اولاد جي لاءِ هڪ تمام وڏي نعمت آهي جو پيءُ جيڪڏهن پاڻ نيڪ خصلت هجي، پر حڪمتِ خُدا وندي جي تحت اولاد جي ولادت کان پهريان يا ان جي ننڍپڻ ۾ ئي انتقال ڪري وڃي تہ پيءُ جي نيڪين جي برڪت سان ٻار بہ سڌي راهہ تي قائم رهندا آهن جيتوڻيڪ پيءُ کي ٻارن جي تربيت ڪرڻ جو موقعو نہ مليو هجي.

حضرت سيدُنا عبدالله بن عبّاس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُمَا فرمائن ٿا: بيشڪ الله عَزَّوَجَلَّ انسان جي نيڪو ڪاري سان ان جي اولاد ۽ اولاد، دَر اولاد جي اصلاح فرمائيندو آهي ۽ ان جي نسل ۽ ان جي پاڙيسرين ۾ ان جي حفاظت فرمائيندو آهي ۽ اهو سڀ الله عَزَّوَجَلَّ جي طرفان پردي ۽ امان ۾ رهندا آهن. (تفسيردُرّ مَنثور ج۵ص۴۲۲)

اَلْحَمْدُ لِلّٰه عَزَّوَجَلَّ اميراهلسنّت جا والدِ محترم حاجي عبدالرحمن رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه جيئن تہ نهايت متقي ۽ پرهيزگار،خوفِ خدا ۽ سُنّتن سان مَحَبَّت رکڻ وارا بزرگ هئا، امير اهلسنّت ننڍا ئي هئا جو والدِمحترم جو انتقال ٿي ويو. پيءُ جو شفقت ڀريو سايو نہ هئڻ ۽ ان جي تربيت کان محروم هئڻ جي باوجود بہ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي جا اهڙا پيڪر بڻيا جو سندن نگاهہ وِلايت سان لکين بي نمازي،نمازي بڻيا، چور، ڌاڙيل توبہ ڪئي، ٻين جون عزّتون خراب ڪرڻ وارا، عزّتن جا محافظ بڻجي ويا، مختلف ڏوهن ۾ مُلَوَّث جيل جي سلاخن پويان زندگي جا اونداهي وارا ڏينهن گذارڻ وارا، راهہ خدا ۾ مدني قافلن جا مسافر بڻجي سُنّتن جا گل لُٽائڻ وارا مبلغ بڻجي ويا .

## يتيم سان اسان جو ورتاءُ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** شيخِ طريقت،امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه والد صاحب جو شفقت ڀريو سايو اٿڻ بعد نہ صرف پاڻ نيڪ،نمازي سنتن جا عادي ٻڻيا بلڪ ماڻهن کي بہ اهو مدني ذهن عطا فرمايو تہ **”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي** اِنْ شَآءَ الله عَزَّ وَجَلَّ“ پر افسوس جو اڄ اسان جي معاشري ۾ جيڪڏهن ڪو ٻار يتيم ٿي وڃي تہ پروا تہ پري جي ڳالهہ، ان جا پنهنجا ئي ان کان پاسو ڪري وٺندا آهن، پوءِ ان جي تربيت ۽ ڪفالت ڪرڻ وارو ڪو ناهي هوندو، حالانڪ ٿيڻ تہ اهو گهرجي جو ان کي سيني سان لڳائي ان جي ٿي دستِ شفقت ڦيريو وڃي، ان جي بهتر تعليم وپرورش جي ذميداري قبول ڪئي وڃي. يادرکو!يتيم ٻارن سان مَحَبَّت ڪرڻ ۽ ان جي ڪفالت ڪرڻ جون وڏيون فضيلتون آهن، اچو هن باري ۾ 3 فرمانِ مصطفي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

1. جڏهن ڪنهن قوم جي دسترخوان تي ڪو يتيم ويهندو آهي تہ شيطان ان جي دستر خوان جي ويجهو ناهي ايندو.
(مجمع الزوائد ،كتاب البر والصلة، باب ماجاء في الايتام ولارامل، رقم ١٣٥١٢، ج٨، ص ٢٩٤)

2. الله عَزَّوَجَلَّ جي ويجهو سڀ کان پسنديده گهر اهو آهي، جتي يتيم جي عزّت ڪئي ويندي هجي. (المعجم الكبير ،رقم ١٣٤٣٤، ج١٢، ص ٢٩٦)

3. جن ٽن(3) يتيمن جي پرورش ڪئي، اهو رات جو قيام ڪرڻ واري، ڏينهن جو روزو رکڻ واري ۽ صبح ۽ شام ،الله عَزَّ وَجَلَّ جي راهہ ۾ پنهنجي تلوار ڪڍڻ واري جيان آهي ۽ مان ۽ اهو جنت ۾ بہ (2) ڀائرن جيان هونداسين جيئن تہ اهي بہ (2) ڀينرون آهن، ۽ پنهنجي شهادت واري آڱر ۽ وچين آڱر کي ملايو. (سنن ابن ماجة ، ابواب الادب ، باب حق اليتيم ، الحديث: ٣٦٨٠ ،ج٤، ص١٩٤)

الله عَزَّوَجَلَّ اسان کي پنهنجي حيثيت جي مطابق يتيم ۽ بي سهارا ۽ مفلس وغريب افراد جي مدد ڪرڻ ۽ انهن جي حاجتن کي پورو ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## بيان جو خُلاصو

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** اڄ اسان ٻڌو تہ پيءُ، اولاد جي تربيت ڪيئن ڪري؟

- ♣ ان ۾ سڀ کان اهم مدني گل اهو آهي تہ پيءُ پاڻ شريعت وسنت جو پابند هوندو تہ ان جو اولاد بہ ان کي ڏسندي نيڪين جي طرف راغب ٿيندو ۽ نماز روزي جو عادي بڻجندو.
- ♣ اولاد جي تربيت جي لاءِ پيءُ دِيني مطالعو ڪري،مثلاً "تربيتِ اولاد، اولاد جا حق، سِيرتِ مصطفيٰ، سِيرتِ رسولِ عربي" پڙهي.
- ♣ تربيتِ اولاد ۽ اولاد جا حق پڙهڻ سان اولاد جا حق معلوم ٿيندا ۽ ڪن ڪن ڳالهين جي تربيت ڪرڻي آهي، ان بابت آگاهي ٿيندي.
- ♣ ٻارن جي تربيت ۾ اندازِ مصطفيٰ ڪهڙو هو، اهو "سِيرتِ مصطفيٰ ۽ سِيرتِ رسولِ عربي" ڪتاب پڙهڻ سان معلوم ٿيندو.
  اللهعَزَّوَجَلَّاسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

مٺا مٺا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّي اللهُ تَعَالٰي عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سينه تری سُنَّت کا مدينه بنے آقا
جنّت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سفر ڪرڻ جون سنتون ۽ آداب :

✿ ٿي سگهي ته خميس واري ڏينهن کان سفر جي شروعات ڪئي وڃي ڇوته خميس تي سفر جي شروعات ڪرڻ سنّت آهي. (اشعة اللمعات ج 5 ص 161) جيئن حضرت سيّدُنا ڪعب بن مالڪ رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم، رؤف رحيم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تَبوڪ جي جنگ جي لاءِ خميس جي ڏينهن روانا ٿيا ۽ پاڻ سڳوراصَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خميس جي ڏينهن روانو ٿيڻ کي پسند فرمائيندا هئا. (صحيح البخاري ،ڪتاب الجهاد،باب من اراد غزوة فَوَرَّي ....الخ،الحديث ٢٩٥٠،ج٢،ص٢٩٦) ✿ جيڪڏهن سهولت هجي ته رات جو سفر ڪيو وڃي ڇوته رات جو سفر جلدي طئي ٿيندو آهي، حضرت سيّدُنا انس رَضِیَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهُ فرمائن ٿا: ”سرڪارِ مدينه، سلطانِ باقرينه، قرارِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”رات جو سفر ڪندا ڪريو، ڇو ته رات جو زمين ويڙهي ويندي آهي.“ (سنن ابي داؤد،ڪتاب الجهاد،باب في الدرجة،الحديث ٢٥٧١،ج٣،ص٤٠) ✿ جيڪڏهن ڪجھ اسلامي ڀائر گڏجي قافلي جي صورت ۾ سفر ڪن ته ڪنهن هڪ کي امير بڻائين. حضرت سيّدُنا ابوهريره

---

[1]...مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،٩٧/١،حديث:١٧٥

رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ روايت ڪن ٿا تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جڏهن ٽي ماڻهو سفر تي روانا ٿين تہ پاڻ مان هڪ کي امير بڻائن. (سنن ابي داؤد ،ڪتاب الجهاد ،باب في القوم يسافرون۔۔۔۔۔الخ،الحديث٢٦٠٩،ج٣،ص٥٢،٥١) ❁ نڪرڻ وقت عزيزن، دوستن سان ملو ۽ انهن کان غلطيون معاف ڪرايو ۽ جن کان معافي گهري وڃي انهن تي بہ لازم آهي تہ دل سان معاف ڪري ڇڏين. (بهارِ شريعت،حصه ٦،ص١٩) اسان جڏهن بہ سفر تي روانا ٿيون تہ اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي گهروارن ۽ مال کي **الله** عَزَّوَجَلَّ جي حوالي ڪري وڃون، الله تبارڪ و تعاليٰ ئي سڀ کان بهتر حفاظت ڪرڻ وارو آهي.❁ سفر جي دؤران **الله** عَزَّوَجَلَّ جو ذڪر ڪندا رهو، ريل يا بس وغيره ۾ بِسْمِ اللّٰہ، اَللّٰہُ اَکۡبَرُ، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ ۽ سُبۡحَانَ اللّٰہ سڀ ٽي ٽي پيرا، لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہ هڪ پيرو.

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”**بهار شريعت**“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب “**سنتيں ۽ آداب**” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

عاشقانِ رسول،آئیں سُنت کے پُھول
دینے لینے چلیں، قافلے میں چلو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

www.dawateislami.net

## (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.(1)

## (4) ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِی ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.(2)

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنۡهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهو مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.(3)

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،

[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149

[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

### (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَاللّٰهُ تَعَالٰي عَنهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

### (2) ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

[2] ... مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305